الهوسايو سومرو

# حضرت مولانا احمد صاحب خانگڙهي رح جي شاعريءَ جو هڪ مختصر جائزو


**Abstract:**

**The Poetry of Hazrat Ahmed Sahib Khangarhi: A Short Analytical Study (1873 – 1935)**

*Hazrat Moulana Ahmed Sahib the son of Molana Abdul Ghaffar Mahar (Spriter & Caliph of Hafiz Mohammad Siddique Bharchundi) was born in 1873 A.D./ 1290 Hijra at Village Khan Garh (formerly Khan – Jo – Daro) District Ghotki, Sindh and died on 27th January 1935 A.D./ 23rd Shawal 1352 Hijra. He received education from varoius places of Sindh like Bharchundi Sharif, Fatah Pur, Lo – e – Saiba (Ghotki), Hamayoon Sharif and Village Darvesh Naich (Mirpur Mathelo). After the death of his father; he was handed over the responsibilities of Khanqah Khan Garh Sharif as Sajjada Nasheen. He was rewarded the Kharqa – e – Khilafat (Spiritual Caliph) by Hazrat Hafiz Mohammad Abdullah of Bharchundi Sharif. After the marriage he was blessed with a son namely Mian Mohmood in 1315 A.D. He had a large number of his devotees and followers and the two who were awarded Kharqa – e – Khilafaqt, were Hazrat Moulana Mohammad Qasim Mashori and Mian Abdul Ghafoor Mahar. He also took an active part in the Khilafaqt Movement. He was not only a religious scholar, a saint, a social worker and social reformer but also a great Sufi Sindhi poet. He knew many languages that is why he composed his poetry in Sindhi, Seraeki, Hindi, Arabic and Persian. His poetry reflects human love, brotherhood and equalty of men and pleasing God by good deeds. Tasawuf, natural beauty and his love to his murshid can be seen through his poetry. He wrote his poetry in Madah, Manajat, Kaafi, Moulood Sharif, Seh – Harfi. After his death, his beloved devotees Moulvi Mohammad Azam Siraji Pitafi, Moulvi Abdul Rehman Ziyaee and Hafiz Sher Mohammad Gilal collected his poetry and published in two booklets. He was also a prose writer. His outstanding literary work is the translation of Mishkat Sharif (collection book of Ahadees) in Sindhi language, which was published in eight volumes by financial cooperation of Hazrat Peer Abdul Rehman Bhooral Sain of Bharchundi Sharif. In this regard, he was the first Sindhi scholar, who translated Ahadees in Sindhi. In this paper, the focus is on analyzing his poetry. His Mouloods and Kaafis are sung which have the spiritual reflections.*






**حضرت** مولانا احمد سائين، حضرت حافظ محمد صديق رح جي پياري خليفي حضرت مولانا عبدالغفار خانڳڙهي رح جا فرزند آهن.

”سندس ولادت 1290هه/1873ع ۾ خانڳڙهه ۾ ٿي.“(1)

تعليم جو آغاز پنهنجي والد کان ڪيائون ۽ ان کان علاوه ڀرچونڊي شريف، فتح پور ۽ لوءِ صاحبان (گهوٽڪي) ۾ ٻه ويا. حصول تعليم جي سلسلي ۾ همايون شريف ۽ ڳوٺ درويش نائچ (ڳوٺ ميرپور ماٿيلو) ٻه ويا. پاڻ اٽڪل 22 سال تعليم جي حصول ۾ موقوف ڪيا.

روحاني ۽ باطني تعليم و تربيت جي سلسلي ۾ حضرت حافظ محمد صديق طرفان ڪين روحاني فيض حافظ شير محمد مشوري رح جي معرفت مليو. والد صاحب جي وصال کان ٽئين ڏينهن تي حضرت حافظ محمد عبدالله (شيخ ثاني خانقاهه ڀرچونڊي شريف) حضرت احمد سائين رح جي دستاربندي واري رسم پنهنجن هٿن مبارڪن سان ادا ڪئي. ڊاڪٽر عبدالوحيد انڍڙ لکن ٿا ته، ”30 سالن جي عمر ۾ حضرت ميان عبدالله عرف هادي سائين رح ڀرچونڊي شريف واري کان خلافت جو خرقو حاصل ڪيائون.“(2)

پاڻ پنهنجي شاعريءَ ۾ پنهنجي مرشد سان بيحد عقيدت ۽ محبت جو اظهار ڪيو اٿائون. حضرت احمد سائين رح هڪ شادي ڪئي، جنهن مان هڪ پٽ ميان محمود 1315هه ۾ پيدا ٿيو. 63 سالن جي عمر ۾ ”اڱاري رات 23 شوال 1352هه بمطابق 27 جنوري 1935ع تي پنهنجي فاني زندگيءَ کان برقعو مٽايائون.“(3)

سندس فقيرن مان فقط ٻه فيض يافته بزرگ ٻڌجن ٿا، جنهن کي پاڻ خرقه خلافت عطا ڪيائون. انهن مان پهريون حضرت مولانا محمد قاسم مشوري ۽ ٻيو ميان عبدالغفور مهر آهي.

پاڻ پنهنجي سموري زندگي علمي، ادبي، ديني، سماجي ۽ سياسي خدمتن ۾ وقف ڪيائون. ديني تعليم ڏيڻ سان گڏوگڏ قلم ذريعي ٻه دين جي تبليغ ڪيائون. هن سلسلي ۾ ڪتاب لکي ڇپرائي عام و خاص تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪيائون. ننڍي وڏي ڳوٺ، وسنديءَ ۾ مدرسا قائم ڪيائون. سندس وڏو ڪارنامو حديث شريف جي هڪ مجموعي جو سنڌي زبان ۾ ترجمو ڪرڻ آهي. پروفيسر غلام رسول اڪرم لکي



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ٿو ته، "مشڪوات شريف جو سنڌي زبان ۾ ترجمو ڪري (اٺن جلدن ۾) شايع ڪيائون ۽ گهڻ ۾ گهڻ سؤ ننڍا ننڍا رسالا (مظهر) لکي شايع ڪيائون."(4)

هن سنڌي ترجمي کي 'مرات التشريح' جو نالو ڏنائون. اٺ ئي جلد حضرت پورل سائين جي مالي امداد سان ڇاپيا ويا.

ماڻهن جون هر قسم جون جائز ضرورتون، بيمارين جو علاج، سائلن جو سوال، مصيبتن ۾ ڦاٿلن جون مصيبتون، مسئلا ۽ مشڪلاتون، صرف ۽ صرف اڻ لکيل ڪاغذ جي ٽڪري (تعويذ) سان پوريون ٿي وينديون هيون.

پاڻ پنهنجي مرشد سان گڏوگڏ خلافت تحريڪ ۾ حصو ورتائون ۽ ترڪ موالات ۽ هجرت تحريڪ جو بائڪاٽ ڪيائون ۽ هن هاڃيڪار تحريڪ کي ناڪام بڻائڻ جي همٿ ۽ جرئت ڪيائون. ردعمل ۾ مخالفن مٿن ڪفر جي فتويٰ صادر ڪئي. انگريزن خلاف انوکي قسم جي تحريڪ هلايائون. جڏهن کو به حڪومت طرفان ڏوهي ۽ سزا يافته قرار ڏنل وٽن ايندو هو ته، سندس دعا سان تنهن جو ڏوهه معاف ٿي ويندو هو يا ته لکت گم ٿي ويندي هئي يا سزا بدران معافي لکيل هوندي هئي.

حضرت مولانا احمد صاحبؒ نه رڳو حافظ قرآن مجيد، عالم ۽ فاضل، سياسي، سماجي، ديني رهبر، مترجم هئا، پر صوفيانه طبيعت جا بلند پايي جا شاعر به هئا. طريقت ۾ هن صاحب رندانه مشرب اختيار ڪيو. جنهن جو اظهار سندس ڪلام ۾ ملي ٿو. پاڻ گهڻو ڪلام چيائون، جهڙوڪ مولود، مدح، مناجات، سي حرفي ۽ ڪافي. سندن وصال ڪرڻ کان پوءِ "سندن محبت واري مريد مولوي محمد اعظم سراجي (پٽافي) ۽ سندس ڀاءُ مولوي عبدالرحمان ضيائي ۽ حافظ شير محمد گلال سندس ڪلام کي سهيڙيو ۽ ٻن ڪتابڙن (ليٿو) ۾ ڇپايو."(5)

هن بياض ۽ ٻن ڪتابڙن ۾ 127 ڪافيون ڏنل آهن، جنهن ۾ مولود به شامل آهن. زير نظر و قلم 'بياض احمدي' جيڪو خانگڙهه شريف جي سابق گادي نشين حضرت ميان عبدالستار جي تعاون سان ڇپايو ويو آهي، تنهن ۾ ڪل اوڻانوي (89) صفحا آهن ۽ هي ڪتاب ڊيمي سائيز جو، سادي ڪاغذ تي ڇپايل آهن. هن بياض احمدي ۾ 133 ڪافيون آهن. سندس شاعري ۽ ڪلام جي باري ۾ پروفيسر غلام رسول 'اڪرم' لکن ٿا ته، "جڏهن کو ليکڪ 12هين ۽ 14هين صدي هجري واري سنڌ





جي اسلامي ادب ۽ شاعري لکندو ته، حضرت احمد سائينؒ کان وڌيڪ ڀيو ڪو به وڏو مذهبي سنڌي شاعر ۽ نثر نگار ثابت نه ڪري سگهندو."(6)

سندس شاعريءَ ۽ ڪلام ۾ اسلامي عنصر شامل آهن. هن 'بياض احمدي' کان علاوه سندس گهڻا ئي ننڍا رسالا آهن، جنهن کي مظهر سڏيو وڃي ٿو، جيڪي پاڻ مختلف موضوعن تي تصنيف ڪيا هئائون. مظهرن جو تعداد مختلف راوين مختلف ٻڌايو آهي. محترم پروفيسر شيخ محمد فاضل مطابق ڇاونجاهه (56) مظهر، محترم غلام فريد ڪوير مطابق سنتيتاليهه (47) مظهر ۽ پروفيسر غلام رسول 'اڪرم' مطابق مظهرن جو تعداد پنجيتاليهه (45) آهي. انهن مظهرن مان هيٺيان مظهر نثر سان تعلق رکن ٿا:

(1) مظهر مخبر صديق، (2) مظهر تصديق حصه اول، (3) مظهر تصديق حصه دوم، (4) مظهر اُمي رهبر، (5) مظهر وحدت نامو، (6) مظهر مراتب ستّه، (7) مظهر فضائل اربع، (8) مظهر جوڙو جوڙو، (9) مظهر عروج عرفاني، (10) مظهر عشر عقول حصو ٽيون، (11) حصو پنجون، (12) حصو ڏهون، (13) مظهر غالب، (14) مظهر پلو گهوڙو، (15) مظهر انصافي ڪوڙو، (16) مظهر پنج گنج، (17) مظهر دافع احولي عناد (فساد)، (18) مظهر پنج گل، (19) مظهر هادي عقائد، (20) مظهر عشره ڪامله، (21) مظهر ضاد، (22) مظهر مطهر، (23) مظهر الجامع بمع لامع، (24) مظهر تعليم، (25) مظهر تڪميل، (26) مظهر پنج گنج بي رنج، (27) مظهر بج، (28) مظهر زائر لامع، (29) مظهر اسلام، (30) مظهر اظهر حصه اول، (31) مظهر اظهر حصه دوم، (32) مظهر اظهر حصه سوم، (33) مظهر اظهر حصه چهارم، (34) مظهر انور.

حضرت احمد سائينؒ پنهنجي نثر ۽ نظم واري هر مظهر ۾ گهڻو ڪري پنهنجي مرشد و رهبر ۽ خانقاهه پرچوندي شريف حافظ محمد صديق جا ڳڻ ڳايا آهن، پر مخصوص به مظهر پنهنجي مرشد ۽ رهبر حضرت حافظ محمد صديقؒ جي سوانح حيات لاءِ تصنيف ڪيا. انهن جا نالا هي آهن، (1) مظهر تصديق حصه اول ۽ (2) مظهر تصديق نامه حصه دوم.

پروفيسر غلام رسول اڪرم مظهر تصديق مان نثر جو نمونو نقل ڪن ٿا، جنهن کي حوالي طور هيٺ ڏجي ٿو، "شريعت ۽ حقيقت کي گڏ ڪري هلائيندڙ هيو،



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

جماعت جو صاحب ۽ جمعي کي برپا رکندڙ هو... اهل تصوف جي همتن ۽ عقيدن کي صاف ڪندڙ هئا. صافي اعليٰ قسم جي صوفين کي چوندا آهن. اصولن، مسئلن، دليلن ۽ صالحن جي رسمن کي صاف ڪندڙ هئا...“ (7)

حضرت مولانا احمد صاحبؒ جي نثر ۾ چوٽيون ۽ پهاڪا به ملن ٿا، انهن مان چند هيٺ بيان ڪجن ٿا:

چَٻي چِٽي ڪائجي، ڪنگهي ڪُرڪي ڳائجي،
بيوفا سان نينهن نہ لائجي، سمجهي سوچي پير پائجي،
جهَلي جهَلي لڪجي، سُرت رکي سکجي.

حضرت مولانا احمد صاحبؒ مذهبي شاعريءَ کان علاوه گرامر جا ڪجهہ موضوع (حصا) بہ نظم ۾ لکيا آهن. هيٺ انهن مظهرن جا نالا ڏجن ٿا، جيڪي خالص منظوم آهن ۽ ڪي نظم و نثر ٻنهي ۾ گڏيل آهن.

”(1) بياض احمدي (هن ڪتاب ۾ حمد، نعت ۽ مولود شريف، غزل ۽ سي حرفي شامل آهي)، (2) مظهر زيارت، (3) مظهر هادي عقائد، (4) مظهر گرامر، (5) مظهر تعليم، (6) مظهرالحق، (7) مظهر فضائل اربع، (8) مظهرعشر عقول، (9) مظهر پنج گل، (10) مظهر پنج گنج، (11) مظهر پنج گُل حصہ دوم، (12) مظهر پنج گل حصہ سوم، (13) مظهر عشره ڪامله، (14) مظهر الجامع بمع لامع، (15) مظهر تصديق حصہ دوم، (16) مظهر اسلام.“

## سي حرفي:

مولانا احمد صاحبؒ جي سي حرفي مختلف رسالن ۽ ڪتابن ۾ ملي ٿي، جيئن بياض احمدي، حضرت احمد سائين جي سوانح حيات مرتب و محقق پروفيسر غلام رسول اڪرم سومرو ۽ مجموعہ سي حرفي سهيڙيندڙ مولوي عبدالحق لُنڊ.

مولانا صاحب جي سي حرفيءَ جو موضوع مناجات آهي. مولانا صاحب سي حرفي ۾ خدا پاڪ جي حمد و ثنا، وحدانيت، قدرت جي تعريف ڪن ٿا ۽ پنهنجي اهنج کي سهنج ۾ بدلائڻ ۽ پنهنجي دينِ اسلام تي ڪامل ايمان سان ثابت رهڻ لاءِ دُعا ڪن ٿا. سي حرفي جي آخر ۾ پنهنجي ڏٽي در سموري امت اسلام، آل اصحاب مٿان رحمت لاءِ سُوالي آهن. آخري بند کان اڳ ۾ پنهنجي نالي ’احمد‘ کي تخلص طور ڪم آڻين ٿا.





سندس سي حرفي مان چند بند هيٺ بيان ڪجن ٿا:

(الف) اول پيو تون آخر پيو تون، باطن پيو تون ظاهر پيو تون،
بيشڪ تون آن بيرنگ بيچون خاوند خالق ارض سماء،
لَا اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ

(ث) ثابت رک تون دين اسان جو هادي حبل متين اسان جو
صوفين وارو سير سوادي قادر قدرت ساڻ ڪرا
لَا اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ

(ن) نانهن شريڪ نہ تنهنجو شاني ڪونهي ڪو ٻيو تنهنجو ثاني
تون آن باقي، باقي فاني هي هو تنهنجو حڪم هلا
لَا اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ

(ا) احمد جو تو شان وڏايو مرسل ماٽڪ عربي آيو
قربون ڪلمي منجهہ گڏايو واه عجائب رمز رلا
لَا اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ

(ي) ياور بيشڪ ڏني ياري غفر احمد تي بهاري
اسمون جسمون تي سڀ ساري هيڏي هوڏي هڪ الله
لَا اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ

حسبي ربي جلاالله ما في قلبي غيرالله
نور محمد صلي الله مڪ مدينہ بيت الله
لَا اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ (8)

## ڪافيون:

مولانا احمد صاحب جون ڪافيون سندس بياض احمدي ۾ 133 ڏنل آهن. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب قافيون (جلد ٻيو) ڇاپو پهريون، سال 1987ع ۾ سندس ڪافين مان 17 ڪافيون ڏنيون آهن. بياض احمدي ۾ سنڌي ۽ سرائيڪي زبان ۾ ڪافيون ملن ٿيون. سنڌي، سرائيڪي ڪافين کان علاوه چند اهڙيون ڪافيون آهن، جن ۾ عربي ۽ فارسي زبان گاڏڙ آهي. جڏهن تہ ڪافي نمبر 104 عربيءَ ۾ آهي. هن ۾ الله پاڪ جي حمد و ثنا ڪئي اٿس. هندي زبان ۾ بہ چند ڪافيون ملن ٿيون. گهڻين ڪافين ۾ پنهنجي مرشد و رهبر حضرت حافظ محمد صديقؒ ۽ حضرت حافظ محمد عبداللهؒ سان محبت و عقيدت ۽ اعليٰ اخلاقي گڻن جو سهڻي ۽ تمثيلي انداز ۾ ذڪر ملي ٿو. هن کان علاوه مٿس صوفيانہ غلبو بہ چانيل نظر اچي ٿو. مثال طور:



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

وسريا پيا سپ امان ڙي امان، گهر رانجهن آيا،
رانجهن آيا بخت سوايا، اور رهي نا طمعان،
جيهي تيهي هان مين اُهيندي، سگ سجاٽي سمان،
عشق تيڏا ايمان آ ميڏا، ڌرم پرم تي ڌمان،
اصلئون ’احمد‘ هويا تيرا، ڄائي اُيا لمان.(9)

مولانا احمد صاحب نہ رڳو ايتري تي بس ٿو ڪري، پر عارفانو پرت جو پيالو پي هيئن بہ چوي ٿو تہ مسجد توڙي مندر، اندر توڙي ٻاهر، مُلان توڙي منصور، شيعو توڙي سُني، عالم توڙي عارف، ناري توڙي نوري هو پاڻ آهي، جيئن هيٺين ڪافيءَ ۾ اظهار ٿو ڪري تہ:

رندي رمز رلاوَڻ ڪيتي، اندر ٻاهر مَين وو مَين،
هر هر جا تي جُلا سيڏا، مسجد مندر مَين وو مَين،
ملان تي منصور پيي مين هون، ناظم منظر مَين وو مَين،
شيعا مَين هون سُني مين هون، مَنتر جَنتر مَين وو مَين،
سر الاهي صوفي والا، مُظهِر مَظهَر مَين وو مَين،
عالم عارف عابد مَين هون، حاضر هَرهَر مَين وو مَين،
ناري نوري نارا سيڏا، هُو هُو هر مَين وو مَين،
احمد مين هون انهد مَين هون، ارشد انڪر مَين وو مَين.(10)

مولانا احمد صاحب جي ڪافين ۾ محبوب سان نيازمندي ۽ محبوب جي اکين جي گهڻي تعريف ملي ٿي. زُلفن جو بہ سهڻي نموني ذڪر ڪري ٿو ۽ محبوب کان هڪ پَل لاءِ بہ پري رهي نٿو سگهجي.

ري ڪجل ڪاريون اَلا، ماري ويون مسڪين کي
بحري باز اکين جا، جهڙپان ڏين واريون الا،
پنبڻيون پَل پَل ٽيون هڻن، جهورن جهمڪاريون الا،
احمد ڪٺيون آتشي، گهڙي نہ وجهن گهاريون الا.(11)

وڏيڪ اکين لاءِ هيئن ٿو ذڪر ڪري:

مست خمار چشمان، يار جون خوني خصال،





لطف سان لائق پريون، ڏين جام جلدي پُرجمال.(12)

۽ ٻئي هنڌ وري هن طرح اکڙين جو ذڪر ڪن ٿا:
چُست چمڪيدار چَشمان يار جون چَهريون چريون،
تير مرگن جا هڻن ڏنهن قوس ڀِروَن جي پَريون.(13)

محبوب جا زُلف سندس عقل کي ختم ڪري بي اختيار ڪري ڇڏين ٿا:
زلف زوراور سَڄڻ جا باز باشا بيشمار،
جوش مان جذبو ڪري عقلون کسي ويا اختيار.(14)

مولانا احمد صاحب رح جام پيئڻ جو بہ ذڪر ڪن ٿا ۽ ڪيس جام پيئڻ سان سندس روحاني طاقت مضبوط ٿي وڃي ٿي. دل جون دريون کُلي پون ٿيون ۽ ڪيس وحدت مان ڪثرت ۽ ڪثرت مان وحدت جا ڳُوڙها نقطا سمجهہ ۾ اچي وڃن ٿا. پاڻ فرمائين ٿا تہ:

واهہ موالي واهہ موالي، جام پلايئؤ مستي مستي.
سر جو سودو سر سان آهي، دوست ڪري ٿو دستي دستي،
وهمي هستي سيا وڃائي، حال هڪائي هَستي هَستي،
وڌر وحدت واهہ وهايا، واهہ سائين وستي وستي،
درست دڙي تي دوست ڏٺو سي، شڪل ميمي مستي مستي،
’احمد‘ پيش پير مُغانان، سدا ڪري پيو پستي پستي.(15)

هڪ ٻي ڪافيءَ ۾ وري جام جو ذڪر هن طرح ڪن ٿا:
واهہ موالي واهہ موالي، جام پلايئؤ جُوشي جُوشي،
ڪڏهن ڪرم سان سارين سورين، محض مجازي پُوشي پُوشي،
ڪڏهن صمد تي حڪم هلائين، پري پري کان پُوشي پُوشي،
پير مغان هڪ پنڌ سڪايو، دوست رهي ٿو دوشي دوشي،
حال حمد هڪ حال ڏسين تون، غرض وڏي سان گُوشي گُوشي،
مستيءَ ۾ جو ماه ڏٺو سي، حيرت ۾ سڀ هُوشي هُوشي،
احمد تي نت نئين نئين نعمت، ناز نواز جي نُوشي نُوشي.(16)



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

مولانا صاحبؒ هن کان پوءِ ايندڙ ڪافيءَ ۾ هن طرح ذڪر ڪن ٿا:

واهه موالي واهه موالي، ڪاڄ ڪوايوئي ڏُوئي ڏُوئي،
سانڍ صمد جي حجت ڪيهي، رام رجهائين رُوئي رُوئي،
اڇي سوالي وڃي نه خالي، نت نت نعمت نُوئي نُوئي،
ڪثرت ڪي مَنجهه وحدت آٽي، صفا ڇڏيوسي ڏوئي ڏوئي،
عام مراد نه سمجهڻ سَهنجي، مَس مَس سمجهي ڪُوئي ڪُوئي،
’احمد‘ آس اميد نه لاهيون، هردم حافظ سوئي سوئي.

مولانا صاحبؒ هن ڪافيءَ جي تخلص واري آخري بند ۾ پنهنجي مرشد ڪي حافظ نالي سان مخاطب ٿي پنهنجو رهبر ۽ اهنج سهنج ۾ رهنمائي ڪندڙ سڏي ٿو.

عربي ٻولي ۽ فارسي ٻوليءَ جا لفظ به پنهنجين ڪافين اندر ڪتب آڻي ٿو. مثال طور ڪافي نمبر 59 ۾ عربيءَ جا لفظ هن طرح استعمال ٿو ڪري:

”اَڇي فَاذڪُرُونِي فَهم ڪر. اُذڪُر سندس انجام آ“

ڪافي نمبر 108 ۾:

”اَنتَ الهَادِي اَنتَ الحق، لَيسَ الهَادِي اِلاَّ هُو.“

ڪافي نمبر 122 ۾:

”اِنَّڪ سَمِيعٌ نَصِري، عَليٰ ڪُلِّ شَيءٍ قَدِيرِي
نَعمَ الوَڪِيل نَصِيرِي، سڀ سُوپ توڪيان ٿو.“

ڪافي نمبر 124 ۾:

”سُبحانِي مَا اَعظم شانِي، الــم حرف حقاني يار،
وَ فِي اَنفُسِڪُم فِي الاصل هيوسي، ميم ۾ ناز نهاني يار.“

عربي زبان جي لفظن کي پنهنجي ڪلام ۾ استعمال ڪرڻ کان علاوه سندس هڪ ڪافي مڪمل عربي زبان ۾ ملي ٿي، جيڪا بياض احمدي ۾ ڪافي نمبر 104 ۽ صفحي نمبر 71 تي ڏنل آهي. ان مان هڪ بند نموني طور پيش ڪجي ٿو:

اَلاَرضُ وَالسَّمٰوٰت يُسَّجُوَنَ، اَلشَّجَرَ وَالحَجَر يَسَجُدُون
نَظَرَتَ نَظراً وَجَدَت سِرّاً، حَالُ هُوِيَّت سِرّاً جَهراً
بَصَرَتُ مَالاَ يُبصِرُون.





فارسي زبان جا لفظ به پنهنجي ڪلام اندر استعمال ۾ آندا اٿس. جيئن ڪافي نمبر 58 جي آخري بند ۾ چوي ٿو ته:

هم چيز مَن هم چيز تو، هم آن من هم آن تُست،
مَن تُو شُدم تُو مَن شُدي، احمد مَتي احسان آ.

ڪافي نمبر 125 ۾ هن طرح فارسي استعمال ٿو ڪري:

رِيءَ باه دنهه برِيان، ديدم نه ديد بودم،
آتش بجان عاشق، چشمش بآب نُم ثم،
آتش ڪان آب ريزان، ديدم نه ديد بودم،
آب حيات آهن، سَڄڻن جا ٻول منڙا.

ڪافي نمبر 101 مڪمل طور فارسي زبان ۾ ملي ٿي:

منم قلندر منم قلندر، بذڪر ظاهر بفڪر اندر،
باين شريعت باين طريقت، بمعرفت باهَمين حقيقت،
براز رهبر بناز اڪبر، بخال خوشتر بدوست دلبر.

مولانا احمد صاحبؒ عربي، فارسي، سنڌي ۽ سرائيڪي کان علاوه هندي ٻوليءَ ۾ به پنهنجو ڪلام چيو اٿس. هن ۾ به سندس صوفيانه طبيعت نڪري نروار ٿئي ٿي. بياض احمدي ۾ سندس هندي سنڌي گاڏڙ ڪافيون ملن ٿيون. ڪافي نمبر 41 ۾ هن طرح بيان ٿو ڪري ته:

بات بتايوئي پوري پوري، واهه گُرو جي واهه گُرو جي،
انهد شبد ۾ شور مچايو، سهج سماد ۾ رمز رلايو،

ناز نواز سيئي نوري نوري

ڪافي نمبر 42 ۾ هن طرح چوي ٿو ته:

صحي سيڪاريو گيان گُرو جي، واهه گُرو جي واهه گُرو جي،
جوشون جنجيون ڳل ۾ پايم، طلب جو سِر تي تِلڪ لڳايم
اندر ٻاهر ڏيان گُرو جي.
هرهر گُن ۾ رام لڏوسي، ڪلمي جو انعام لڏوسي،



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ڪفر ڪٽيو ايمان گُرو جي.

ڪافي نمبر 43 ۾ به پنهنجي گُرو (مرشد) جو ذڪر هن طرح ٿو ڪري:

مست پياريؤ جام گُرو جي، واهه گُرو جي واهه گُرو جي.
جوشون جام پياريو جاني، ڪليو سارو راز نهاني.
رڳ رڳ ۾ ڏُم ڏام گُرو جي.
هڪ ڏُڪ جام وصال پياريو، خام خودي جو خيال وساريو،
يَڳو دوئي جو دام گُرو جي.
صدقون تنهنجو شيوڪ 'احمد'، واهه وڄائي مُرلِي اَنهَد،
بخشو سِر انعام گُرو جي.

مطلب ته مولانا احمد صاحب جي هر ڪافي ۾ صوفيانه رنگ سمايل ملي ٿو. هو گُرو کي پنهنجو مرشد ڄاڻي ٿو ۽ سندس گُروئي وڏي درجي تي ٿو پهچائي. اُتي پهچڻ بعد سندس روحاني طاقت وڌي وڃي ٿي ۽ حقيقت جا پردا کُلي پون ٿا ۽ اُنهن کي پَسي ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ٿو ڪري ته، جيئن اُهي به انهي مرتبي کي ماڻي حقيقت ۾ معرفت جي مقام تي پهچي سگهن.

مولانا احمد صاحبؒ پنهنجي مرشد ۽ مرشد جي مَسڪن (پرچوندي شريف) کي به پنهنجي گهڻي ڪلام اندر ذڪر ڪيو آهي. جيئن ڪافي نمبر 97 ۾ مَدح ڪن ٿا ته:

انهي مشڪ عطر جي شيشي مان، تُون پر پرچوندي چڪ ميان.

نالي واري مصرع ۾:

'احمد' تي صديق سُنهارا، سدا رضا کي رَک ميان.

مولانا چوي ٿو ته، پرچوندي شريف عطر جي خوشبوءَ سان مَهڪيل آهي ۽ تون هن مان هر هر چِپٽي پري مزو وٺ ۽ نالي واري مصرع ۾ چوي ٿو ته. مٿس مرشد پلارو حضرت حافظ محمد صديقؒ هميشه راضي ۽ خوش آهي.

پرچوندي شريف جي پَٽ جو ذڪر به ڪري ٿو ته:

پرچونديءَ جو پَٽ اَلا، ويساريان نه وسري،
چرخو چوريان نان ٿئي، ڪانڌ چَوي تان ڪَت الا،

Shah Abdul Latif Bhitai Chair





سُتي پئي هيم سيج تي، ويو ته جڳائي جَت الا،
احمد الله آسري، وو رک صديقي سَت اَلا.

حافظ محمد عبدالله، خانقاهه پرچوندي شريف جي پهرئين سجاده نشين جي تعريف ڪندي چون ٿا ته:

وَهه ڪجلا تنهنجا تجلا، گهُور ڪيون دل گهائين ٿا،
زهد عبادت تقويٰ طاعت، وسريا ٻيا سڀ وَسلا،
هڪو مَسلا يار پڙهايا، مَحو ٿيا ٻيا مَسئلا،
اڳي هُياسي عقل اڪابر، هاڻي ٿياسي ڪَملا.

مولانا احمد صاحبؒ پنهنجي ڪلام ۾ پرچوندي شريف جو تذڪرو نهايت سهڻي انداز ۾ ڪن ٿا. هونئن ته، پنهنجي مرشد جي شان ۾ ڪافي ڪلام مشهور اٿس، پر جيتري پذيرائي سندس هيٺئين ڪلام کي ملي، اوتري شهرت ۽ مقبوليت ٻئي کي ڪانه. سندس اها ڪافي سرائيڪي ۾ چيل آهي، سا هِيءَ آهي:

ڪر ناز ادا نِروار آيا،
وچ پرچوندي پوتار آيا.

ڪڏان گُل ڪليا گلزار ٿيوي، ڪڏان هُل هُليا هبڪار ٿيوي،
ڪڏان غمزي گر غمخوار ٿيوي، هر صورت معنيٰ يار آيا.
ڪڏان مستي وچ مخمور ٿيوي، ڪڏان سولي سر منصور ٿيوي،
ڪڏان ناظر تي منظور ٿيوي، ڪڏان طالب تي تڪرار آيا.
ڪڏان صوفي صاف چال رکي، ڪڏان زاهد زهد خيال رکي،
ڪڏان قلبي قرب ڪمال رکي، ڪڏان عين بڻي انوار آيا.
ڪڏان شرع شريعت ساز ڪري، ڪڏان عارف بڻ اسرار ڪري،
ڪڏان نال حقيقت ناز ڪري، ڪڏان عارف بڻ اسرار آيا.
ڪڏان مَظهَر مُظهِر نيڪ ٿيا، ڪڏان رند ڪڏان صديقؒ ٿيا،
هر طرحين هُو تحقيق ٿيا، ٿي احمدؒ عبد غفارؒ آيا.[17]

مولانا احمد صاحبؒ جي بياض احمدي ۾ گُلستان ۽ گل خندان جو ذڪر به ملي ٿو، جنهن ۾ ڪيس اها شڪايت ڪئي اٿس ته، ڪيس گُلستان ۽ گل، اڳڻ ۾ سندس

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

دوست، آتش جا اڳر ڇُلهي ۾ ڪونہ ٿا نظر اچن. جڏهن تہ دنيا جو ڪاروهنوار تہ ساڳي طرح سان جاري و ساري آهي. ڪافي نمبر 117 ۾ هن طرح بيان ڪن ٿا تہ:

الاهي ڇو گلستان ۾ گُل خندان نٿا ڏسجن،
منور لعل لبِ مُنھ رخ، گهر دندان نٿا ڏسجن.

1. هَتي ساڳي گهٽي ساڳي، در و ديوار پي ساڳي،
ڇُلهو ساڳي تَوي ساڳي، اڱڻ جانان نٿا ڏسجن.
2. جُواري جوش پي ساڳي، طلب تڪرار پي ساڳي،
تَويءَ جي هيٺ آتش جا اڳر تابان نٿا ڏسجن.
3. لڳي آ چيٽ جي پهرين، آهي اميد 'احمد' کي،
ڪُلندو باغ وحدت جو، اِجهو جانان نٿا ڏسجن.

**مولود:**

مولانا احمد صاحبؒ جي شاعريءَ ۾ صوفيانہ ۽ مذهبي رنگ ڇانيل آهي. مولانا صاحبؒ مولودن ۾ پنهنجي عشق و محبت مصطفيٰﷺ جون ڪيفيتون ۽ حالتون بيان ٿو ڪري، حضور ڪريمﷺ کي پنهنجو شافعي محشر قرار ڏئي ٿو. حضرت محمدﷺ کي باعث تخليق ڪائنات قرار ڏين ٿا ۽ اُن جي ديدار کي ذڪر خدا چون ٿا ۽ ڪيس وڏي فضيلت جي درجي تي فائز سمجهن ٿا.

اول اول ڪيو ظهور، نور محمد صلي الله،
هَر جا هو پر حق حضور شان اِلاهي جل الله.

1. عرض اڳيون هي اسم منور، فرش مٿي هي جسم معطر،
شان شفاعت ساڻ مُبشر، حامل ٿيو سڀ سِر سرور،
2. ذڪر خدا ديدار مُحمد، حق هم گفتار محمد،
ڪوثر جو مختار محمد، آهي عاليشان شعور.[18]

مولانا احمد صاحبؒ قرآن مجيد مان حضور ڪريمﷺ کي اونچي درجي وارو سڏين ٿا، ڇاڪاڻ تہ الله تبارڪ و تعاليٰ ڪين مختلف لفظن سان قسمون کڻي





مختلف لقب القاب سان مخاطب تي ڪري بيان ڪن ٿا. مولانا صاحبؒ هينئين مولود ۾ چون ٿا تہ: حضرت محمدﷺ رُليل، ڀٽڪيل ۽ ڀُليل ماڻهن جا رهنما آهن ۽ سيني شين جي تخليق جو سبب آهن. حضور ڪريمﷺ جو شان ڇا بيان ڪجي جو خود الله پاڪ بہ مٿن صلواة چون ٿا. جيئن هن مولود ۾ فرمائين ٿا:

آيو محمد مصطفيٰ، رهبر رُلين جو رهنما.

1. والليل ڏس ۽ وَالضُّحيٰ مَنجهہ قرب جي اُدن ادني،
ٿيس اُدنُ مِنّي جي ندا بلغ العُليٰ بلغ العُليٰ.
2. اول انهيءَ جو نور ٿيو، آدم منجهان دستور ٿيو،
پوءِ منجهہ عرب مشهور ٿيو، ڪشف الدُّجيٰ ڪشف الدُّجيٰ.
3. الله سين جو رب آهي، احمد انهن جو ابُ آ،
باعث وجود سڀ آ، ڀُليل ڇَون اُن ڪي پرا.
4. شڪ شرڪ ويو آيو نبي، اعليٰ اٽس فضل ربي،
تعريف پي ڪهڙي ڪجي، صلواة چئي جنهن تي خدا.

مولانا احمد صاحب ساڳئي مولود ۾ هيئن بہ چون ٿا تہ، حضور ڪريمﷺ جي تشريف آوري سان خطائون معاف تي ويون ۽ بُرايون ميٽجي ويون ۽ انهن جي جاءِ تي وحدانيت جي واٽي بَرپا ٿي ويئي. شمس قمر ڪان بہ وڌيڪ روشن ۽ منور آهن.

مولانا احمد صاحبؒ ٻئي مولود ۾ چون ٿا تہ، حضرت محمدﷺ شافع محشر ۽ خيرالبشر آهن. مٿن صلواة پڙهڻ جي برڪت سان پتر بہ پاٽي تي پون ٿا. پاڻ امت جي داد رسي ڪرڻ وارا آهن. پاڻﷺ رحمت اللعالمين آهن ۽ زمين جي چمن تي گل ڦل ٽڙي پيا آهن. جيئن هينئين مولود ۾ چون ٿا:

احمد محمد مصطفيٰ الله ڪيو عالي قدر،
شافع حشر شافع نظر خالق ڪيو خيرالبشر.

1. صلواة اُن تي جو پڙهي، سو اوڪ ڪنهن ۾ بہ نہ اڙي،
توڙي جنگ جبلن سان جُڙي، پاٽي ٿين سارا پتر.
2. آهي رحمةُ اللعالمين، گل ڦل چمن بر سر زمين،

ڪلر ڪري ٻيو ڪين ڪين، پيدا ٿين سڀ شور سر.

3. مـاحي اِهـو واهـي اِهـو، رهـبر اِهـو راهـي اِهـو،
اُمت جي دل خواهي اِهو، اُن ڪان ٻَهارِ يا ڪُل بَشر.

## حوالا


1. سنڌي، ميمڻ عبدالمجيد، 'تذڪره شعراء سڪر'، سنڌي ادبي سوسائٽي، حيدرآباد، 1965ع، ص:168.
2. انيڙ، عبدالوحيد، ڊاڪٽر، 'ملفوظات مالڪان المعروف گنجينۂ عرفان جو سنڌي ترجمو'، حافظ الملت اڪيڊمي خانقاه پرچونڊي شريف ڏھرڪي، 2008ع، ص: 449.
3. بلوچ، نبي بخش خان ڊاڪٽر، 'ڪافيون'، جلد ٻيو، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو/حيدرآباد، سنڌ، 1987ع، ص: 1020.
4. سومرو، اڪرم، غلام رسول، پروفيسر، 'معارف حافظ الملت - 2'، حافظ الملت اڪيڊمي، خانقاه پرچونڊي شريف، 2002ع،ص:69.
5. بلوچ، نبي بخش خان ڊاڪٽر، 'ڪافيون'، جلد ٻيو، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو/حيدرآباد، سنڌ، 1987ع، ص: 1020.
6. سومرو، اڪرم، غلام رسول، پروفيسر، 'معارف حافظ الملت - 2'، حافظ الملت اڪيڊمي، خانقاه پرچونڊي شريف، 2002ع، ، ص:198.
7. ساڳيو، ص: 178.
8. ساڳيو: ص: 200-205.
9. بلوچ، نبي بخش خان ڊاڪٽر، 'ڪافيون'، جلد ٻيو، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو/حيدرآباد، سنڌ، 1987ع، ص: 1021.
10. خانڳڙهي، احمد، مولانا، 'بياض احمدي'، درگاهه عاليہ خانڳڙهہ شريف، ڪافي نمبر 77، ص: 53.
11. بلوچ، نبي بخش خان ڊاڪٽر، 'ڪافيون'، جلد ٻيو، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو/حيدرآباد، سنڌ، 1987ع، ص: 1023.
12. خانڳڙهي، احمد، مولانا، 'بياض احمدي'، درگاهه عاليہ خانڳڙهہ شريف، ڪافي نمبر 8، ص: 6.
13. ساڳيو، ڪافي نمبر 12، ص: 9.
14. ساڳيو، ڪافي نمبر 9، ص: 7.







15. ساڳيو، ڪافي نمبر 45، ص: 30-31.
16. ساڳيو، ڪافي نمبر 46، ص: 31.
17. سومرو، اڪرم، غلام رسول، پروفيسر، 'معارف حافظ الملت - 2'، حافظ الملت اڪيڊمي، خانقاه پرچونڊي شريف، 2002ع، ص: 244.
18. ساڳيو، ص: 233.


Shah Abdul Latif Bhitai Chair